ڊاڪٽر عبدالحنان گبول

# شاهہ جي رسالي جي سُر ديسيءَ ۾ بلوچي ٻوليءَ جو استعمال

# USE OF BALUCHI LANGUAGE IN SUR DESI OF SHAH-JO-RISALO


## ABSTRACT

Sassui is a unique, dominant and a legendary character of the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai, who devoted five 'Surs'(chapters) of his Risalo to this heroine and presented her as a symbol of struggle, courage, patience and determination. Shah Abdul Latif Bhitai travelled in most of the southern parts of present-day Balochistan and not only, got himself well-acquainted with the Balochi tradition of poetry prevailing at that time, but used Balochi words mainly in 'Sur Desi' of his Risalo in such a nice manner and craft that these words form a part of Sindhi language as well.

There is a good enough number of verses of 'Sur Desi' which contain words, phrases and idioms of Balochi language mainly that of Makran Dialect. In order to highlight this aspect of Shah's poetry, many editions, ranging from Dr. Earnest Trump to Mr. Banho Khan Shaikh of Shah-Jo-Risalo have been referred to and comparison of the verses has been so as to reach at logical conclusion of the discussion. Besides, meaning of the Balochi words has been given which greatly helps out understand the content and theme of the poetry. It is hoped, this article would attract the attention of respectable readers as well as earn a due appreciation on their part in connection with the craftsmanship of Shah Abdul Latif Bhitai as far as his use of Balochi language in 'Sur Desi' is concerned.


سال 1866ع (1283هہ) ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پهريون ڀيرو "شاهہ جو رسالو" ليپزگ جرمنيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. هن واقعي کي اڄ پورا هڪ سئو اٺيتاليهہ (148) سال ٿيا آهن، ذري گهٽ ڏيڍ صديءَ جي هن سفر ۾ ڪيترن ئي عالمن ، محققن ۽ اديبن رسالي سان محبت ڪندي وڏيءَ محنت سان شاهہ جي ڪلام جي مُستند مَتن

تيار ڪرڻ طرف توجهہ ڏنو آهي. انهن سان ڪنهن جاءِ تي اختلاف ڪرڻ جو مطلب انهن عالمن سڳورن جي پورهئي کي نظر انداز ڪرڻ نہ آهي. جن اديبن ڪيترائي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۽ تاريخ کي ڏنا آهن انهن جي رسالن ۾ جي ڪجهہ لفظ يا انهن جون معنائون غلط داخل ٿيون تہ ڪا گهٽتائي ناهي، پر انهن لفظن جي صحيح معنيٰ اسان جا اڄ جا محقق بہ نہ ڏئي سگهيا تہ پوءِ موجوده محققن جي ڪوتاهي ليکي ويندي، ڇاڪاڻ تہ اڄ جي تحرير سياڻي جي تاريخ آهي.

سُر ديسيءَ ۾ بلوچي با معنيٰ لفظ، اصطلاح توڙي مڪمل بلوچي جملن جي چنڊڇاڻ ڪرڻ کان پهرين هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪندو هلان تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران نڪرندڙ ’ڪلاچي‘ تحقيقي جرنل جي جلد ڏهين شماري چوٿين سال ڊسمبر 2007ع ۾ مون پڻ بلوچي لفظن توڙي جملن جي وضاحت ڪئي، جنهن جي جواب ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خط لکي مسرت جو اظهار ڪيو ۽ ملاقات جو شرف بخشيو ، جيڪا منهنجي لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهہ آهي بهرحال مون جهڙي گهٽ علم رکندڙ شاگرد سان سندن ملڻ سندن وڏائي آهي. دعا آهي تہ پروردگار مرحوم جي مغفرت فرمائي ۽ جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي. آمين .

اچون ٿا وري پنهنجي اصلي موضوع بلوچي ٻوليءَ وارن بيتن ڏي، هتي صرف انهن بيتن جي وضاحت ڪندس جن جي وضاحت ڪلاچي جرنل ۾ نہ ڪري سگهيس.

جيئن تہ شروع وارن رسالن ۾ هي بلوچي بيت ڏنل آهن تن کي صحيح اچارن تحت پڙهڻ ۽ لکڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي، معمولي فرق سان لفظ ۽ ان جي معنيٰ تبديل ٿي ويندي آهي. مثال طور لفظ ”قذا“ ۽ ”قازا“ هي بہ الڳ الڳ لفظ آهن، لفظ ”قذا“ معنيٰ پوئتي _موٽي جڏهن تہ لفظ ”قازا“ جي معنيٰ آهي. اُٿ، اُٿي ، اهڙا ڪوڙ سارا ٻيا بہ لفظ آهن، جن جي معنيٰ ۽ پڙهڻي رسالي ترتيب ڏيندڙن ۽ محققن پنهنجي حساب سان ڏني آهي. هڪ ته ئي وقت سنڌي ۽ بلوچي ٻوليءَ جي ڄاڻ هئڻ ناتي آئون اهو پنهنجو فرض ٿو سمجهان تہ شاهہ سائين پاران استعمال ڪيل بلوچي لفظن توڙي اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مفهوم تي وڌيڪ ڏيان ڏئي انهن کي چٽو ڪريان.

**بيت نمبر (1)**

ممتاز مرزا جي سنواريل گنج ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ ريت ڏنل آهي.

بُرو بگيرد بي ، ٿا ڏين پارسيون پاڻ ۾
مون لوڏائئي لکيا تا هاچو ڪندا هي
ماريندا مون کي ، پنهون نيندا پاڻ سين

(گنج ، شاهہ جو رسالو ، 1995ع ، سر ديسي ، ص _96) اهو ساڳيو بيت

ڊاڪٽر ٽرمپ واري رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

بـرو بـڪـيـرَد بـي تـهـا ڏيـن پـارسـيـونُ پـاڻ ۾
مـون لـوڏانـئـي لـکـيـا تـہ هـاچـو ڪـنـدا هـي
مَـارِيـنـدَا مـون کـي، پـنـهـون نـيـنـدا پَـاڻ سـان

(ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ، شاهہ جو رسالو، ڇاپو ٽيون 2008ع سُر ديسي، صفحو_ 374)

اهو ساڳيو بيت مرزا قليچ بيگ واري سهيڙيل رسالي ۾ بلوچي لفظن جي معنيٰ سميت هيٺن ڏنل آهي.

بُـرو بـگـيـردَ بـي، تـا ڏيـن پـارسـيـون پـاڻ ۾
مُـون لـوڏان ئـي لِـکـيـا تـہ هـا چـو ڪَـندَا هـي
مـاريـنـدا مُـون کـي، پُـنـهُـون نـيـنـدا پَـاڻ سـيـن

(مرزا قليچ بيگ، شاهہ جو رسالو، 1995ع، سُرديسي ، ص _358)

مرزا قليچ بيگ لغات لطيفي صفحي_174 ۾ هن بيت ۾ آيل بلوچي جملي جي معنيٰ هيٺن لکي آهي . بروبگيرد بي =وڃي وٺ

ٻانهي خان شيخ پنهنجي سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هيءُ بيت ۽ بلوچي لفظن جون معنائون هن ريت ڏنيون آهن.

بُـرو بِـگـيـردَ بـي، تَـا ڏِيـن پـارسـيُـون پـاڻَ ۾
مُـون لـوڏان ئـي لِـکـيـا، تـہ هـا چـو ڪَـنـدَا هـي
مـاريـنـدا مُـون کـي، پُـنـهُـون نـيـنـدا پَـاڻ سـيـن

(ٻانهون خان شيخ ، شاهہ جو رسالو ، جلد ٻيو، سال 2001ع ، سُرديسي داستان تيرهون ، ص 214)

معنيٰ: بگير = وٺي وڃن تا، بي = جلدي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي طرفان تازي سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هيءُ بيت ۽ بلوچي لفظن جون معنائون هن ريت ڏنيون آهن.

بـرو بِـگـر بـي، ڏِيـن پـارسِـيُـون پـاڻَ ۾
مـون لـوڏان ئِـي لـکـيـا، تـہ هـاچـو ڪَـنـدا هـي
مـاريـنـدا مـونـکـي، پُـنـهـون نـِيـنـدا پـاڻَ سـيـن

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهہ جو رسالو ، 2009ع سرديسي داستان ستون ، ص 218)

معنيٰ: برو=وڃو، بگر=جهليو، بي=سواءِ (وڃو اُٿو اُٺ جهليو سسئي ڪانسواءِ )

مٿين بيت ۾ "بروبگير بي " بلوچي ٻوليءَ جو بامعنيٰ جملو آهي ، جنهن جي معنيٰ مرزا قليچ بيگ "وڃي وٺ " لکي آهي ٻانهي خان شيخ، "وٺي وڃن تا جلدي "

معنيٰ ڏني آهي ، ڊاڪٽر نبي بخش صاحب ”وڃو جهليو سواءِ “(سسُئيءَ کان ) معنيٰ ڏني آهي .جڏهن ته سائين رخمان گل پالاري صاحب ڪلاچي تحقيقي جرنل جي جلد چوڏهين . شماري پهريئن جون 2011ع جي صفحي _18 ۾ هن بيت جي وضاحت هن ريت ڪئي آهي.

”برو بگيرد بي “ ۾ ”بي “ جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ ڪانسواءِ ڪنهن به درست نه ڏني آهي. ”بي “ جي هيٺيان جيڪڏهن زير ڏبي ته معنيٰ ”ٿيندي“ يا ”ٿيندو“ بيهندي ، پر جي بي هيٺيان زير نه ڏبي ته معنيٰ ٿيندي، هرگز ، هڏ ، اصل ، مُور يا سواءِ “

مٿي ڄاڻايل بيت جي پهرئين سٽ جي شروع واري اڌ سٽ بلوچي ٻوليءَ جي آهي. ”بروبگير بي“ معنيٰ ”وڃي وٺي اچيس“ ضمير غائب ڏانهن اشارو آهي ”بي“ هيٺيان زير ايندو ۽ ”ي“ جي مٿي تشديد ڏبي. هيءُ جملو ته اسان جي روزاني وهنوار ۾ عام استعمال ٿيندو آهي . اها ڳالهه مڃڻ جهڙي آهي ته لفظ ”بي. جي هيٺيان جيڪڏهن زير ڏبي ته معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. هيٺ آئون پڙهندڙن جي سولائيءَ لاءِ بيت ۾ بلوچي لفظن جي معنيٰ تحرير ڪريان ٿو ته جيئن پڙهندڙ سمجهي سگهن .

**بيت نمبر 1**

بُـرّو بِـگَـرُ بِـيَّ، ڏيـن پـارسـيـون پـاڻ ۾ ،
مـون لـوڏان ئـي لـکـيـا ، تـہ هـاڃـو ڪـنـدا هـي،
مارينـدا مـونـکـي ، پـنـهـون نـيـنـدا پـاڻ سـيـن.

معنيٰ: بُرو = وڃ، بگَر = وٺي، بِيَّ = اچين، برو بگر بيّ معنيٰ وڃ وٺي اچيس

**بيت نمبر 2**

بُـرو بِـگـيـرَدِ بـيِ، رَوان ، شَـنـگِ رَوَان شـيـزاَ،
تي جَا ڳـائـي جَـتَـڙو، ويـئـي هـنـيـن دِلِ دَروغَـا،
ٿُـو بَـتَـغـي اُو ربـتـغَـان ، لاَلَ مَـنـجـهَـان لـوغَـا،
ناحَق سي نوزَان ، ڏيـن پَـارَا نَـيـا پـنـهـونءَ کـي .

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو ، جلد ٻيو، سرديسي ، داستان تيرهون ص_ 214)

معنيٰ: بگيرد = وٺي وڃن ٿا، بي = جلدي، رَوَان = وڃن ٿا، شنگ = تکو، شيزا _ ”هتان ( شنگ رَوَان شيزان “ هاڻي آءٌ هتان تکي وبندس)، ٿو = تون، بتخي _ رهجي ويسين، اُوربتغان = هُو( پنهونءَ جا ڀائر) هلڻا هئا، لوغا = گهر

واضح ڪندو هلان ته هيءُ بيت ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهه جي رسالي ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به رسالي ۾ آيل ناهي. هيءُ ساڳيو بيت ۾ بلوچي لفظن جون ڌار ڌار معنائون سائين رخمان گل پالاري صاحب ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ هيٺينءَ ريت ڏنيون آهن.

بُـرو بِـڱـيـرَد بـي رَواَن ، شِـنـگ رَواَن شَـنـزَا ،
تي جاڳـائي جتـڙو ، ويـئـي هِـنـيـن دِل دُروغا ،
تـؤ وَيـتَـغـي اُو رفـتـگـان، لال مـنـجـهـان لَـوغـا،
نـاحـقَ سـي نَـوزان ، ڏيـن پـارانـيـا پُـنـهُـونءَ کـي
(ڪلاچي تحقيقي جرنل ،جلد ڏهون شمارو پهريون ص _45)

معنيٰ: بُرو = وڃ،وڃو، بگيرَد = جهليو، پڪڙيو، بي = مور، هڏ، هرگز، سواءِ، رَوان = ويندا، شنگ = ڏار ڏار ٿيڻ ، هڪ هڪ ٿيڻ، شنزا = پڪڙجڻ ، چڙو چڙ ٿيڻ، دُورغا _ ڪُوڙا ، ڪوڙي ، ڪوڙ سان، تو = تون، ويتغي = ستي هئينءَ ، سُتيئن، او= هُو (پنهون جا ڀائر )، رفتگا = هليا ويا، لوغا = گهران

”سمجهاڻي : وڃو پڪڙيو هُو مُور ويندا(وري ڏسجندائي ڪونہ) ڏارڏار ٿي پکڙجي ويندا

سسئي پنهنجي دل کي پئي انهيءَ ڪُوڙ سان دلاسو ڏئي تہ پنهونءَ تائين پهچندس

تون (سسئي) سُتيئن ( غافل ٿيئن ۽ انهن کي وجهہ مليو، هُو هليا ويا) هو محبوب تنهنجي گهران نڪري ويا. “

مٿيئن بيت جي غور سان مطالعي ڪرڻ سان خبر پوندي تہ ، سسئي، پنهونءَ جي وڇوڙي ڪانپوءِ پاڻ تي آيل ڏکن جو بار سِر تي سهي ٿي ۽ پنهونءَ کي ميار ڪانہ ٿي ڏئي، هوءَ محبوب پاران مليل هر ڏک کي سُک سمجهي سهي ٿي. مٿئين بيت ۾ بہ ساڳيو موضوع کنيو ويو آهي. مٿئين بيت ۾ ڪم آيل بلوچي ٻوليءَ جا اصطلاح آهن جن جي معني ڪنهن بہ عالم اصطلاح واري حوالي سان نہ ڏني آهي . محققن اصطلاحن جي لفظن جون ڏارڏار معنائون ڏنيون آهن. جيڪي هنن اصطلاحن جي اصل معني کان ڪوهين ڏور آهن. شاهہ صاحب پنهنجن بيتن ۾ جيڪا بلوچي ٻولي استعمال ڪئي آهي ، اها بلوچي ٻولي عام لوڪن جي روزاني واهپي ۽ وهنوار واري آهي . مٿئين بيت ۾ جيڪي بلوچي لفظ آيل آهن انهن جي غلطين کي لکندڙن ڪنهن بہ قسم جي چڪاس ڪرڻ کانسواءِ پئي ورجايو آهي. ٻانهين خان شيخ ”شنگ روان شيزا “جي معني ”هاڻي آءُ هتان تکي ويندس “ لکي آهي جڏهن تہ پالاري صاحب ” شنگ “ جي معني ڏار ڏار ٿيڻ ۽ ” شيزا “ جي معني ” پکڙجڻ، چڙوچڙ ٿيڻ “ لکي آهي. مان انهيءَ بيت کي سنواري لفظي معني سميت هيٺ پڙهندڙن جي آسانيءَ لاءِ تحرير ڪريان ٿو.

بُـرو بِـڱـيـر بِـيّ ، رَوَان ، شَـنـگَ رَوَان شِـيـزا
تـي جـاڳـائي جـتـڙو ويـئـي ، هَـنـيـن دِل دُروغـا
تـو وَيـتَـغِـي اورَبـتَـغَـان ، لال مَـنـجـهـان لُـوغـا

ناحق سي نوزان، ڏين پارانيا پنهونءَ کي

**معني:** بُرو بِگير بيّ = وڃ وٺي اچيس،شَنگ رَوان شِيزَا =هتان آئون ڪيئن وڃان - ڪھڙي پاسي وڃان ، هَنين دِل دَروغا = منهنجيءَ دل مون سان ڪوڙ هَنيو، ٿو وَيتَغي اوَربتَغان = تون سُتي پئي هُئينءَ ۽ هُو هليا ويا.

**سمجھاڻي:** پنهونءَ جي پائرن مان ڪنهن چيو تہ وڃي وٺي اچيس وري ٻئي وراڻيو تہ آءٌ ويندس پر پنهونءَ کي وٺي آءٌ هتان ڪيئن وڃان ڪھڙي پاسي نڪران ؟

سسئي چئي ٿي تہ منهنجيءَ دل مون سان ڪوڙ هنيو تہ پنهون توکي (سسئيءَ کي ) جاڳائيندو پر ائين نہ ٿيو، تون سُتي پئي هئيئن ۽ هُو هليا ويا. سسئي چئي ٿي تہ انهيءَ ۾ پنهونءَ جو قصور ناهي منهنجيءَ دل جو قصور آهي، جنهن مون سان ڪوڙ هنيو.

بيت_3

آيا اُٺ بلوچ جا، ڪيائون شيشي مروشي،
ما زوزي براش بروئي ، اين الو ايشي ،
ڏونگر جا ڏيسي ، چوهہ چڙهيا تڪرين

(املھ اڏتوريا ، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سر ديسي ، ص _105)

اهو ساڳيو بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون سائين رخمان گل پالاريءَ صاحب ڪلاچي تحقيقي جرنل ، جلد ڏهين، شماري پهرئين، سال جون 2011ع ، ص 63 ۾ هن ريت ڏنيون آهن.

آيا اُٺَ بَلوچَ جا،ڪيائون شِيشي مَروَشِي ،
ماُزورين بِرَاسِ بُرُو ئين، اَينِ اِلُون اَيشي،
ڏونگر جا ڏيسي ، چوهہ چَڙهيا چَپرين .

**معني:** مَا = اسان، زُورين _ کٽنداسين/کٽي، بِرَاس = ڀاءُ، بُروئين = هلنداسين/هلُون، اِين = هِتي، اِلُون = ڇڏينداسين/ڇڏي، اِيشي = هِن کي

هن بيت جي ٻي سٽ ۾ سائين رخمان گل پالاري بلوچي لفظ "مازورين " لکي ۽ ان جي معني (اسان کٽي) لکي آهي . جڏهن تہ "مازوّرين" جي معني آهي (زبردستي) پر هن بيت ۾ لفظ "ما وذث براس " استعمال ٿيندو جنهن جي معني آهي (اسان پنهنجي ڀاءُ کي) ، اسين جڏهن بيت جي منظر نگاريءَ تي ويچاريندا سون تہ اهو لفظ وڌيڪ ٺهڪي اچي ٿو . انهيءَ بيت کي سنواري ، لفظي معني سميت هيٺ ڏجي ٿو.

آيا اُٺ بلوچ جا، ڪيائون شِيشِي مَرُوشِي،
مَا وَذِي بِرَاث بَرُون ، اِين اِلُون اِيشِي،
ڏونگر جا ڏيسي ، چوهہ چَڙهيا چَپرين .

هن بيت جي ٻي سٽ سڄي بلوچي ٻوليءَ جي آهي هن ۾ آيل بلوچي لفظن

جي معنيٰ هن ريت ٿيندي.

**معنيٰ:** مَاوِڙي بِرَاٿ بَرّون = اسان پنهنجي پاءُ کي وٺي /ڪٺي ويندا سين، اِين اِلُون اِيشِي. هن کي (سسئيءَ کي) هتي ڇڏيندا سين.

**بيت 4**

ٿانگو روان يار، الله ڪارڻ انگو بيا،
شما ٿيان پشتگان، هلندا ٿيو هيڪار،
توبهہ ٽُرت تيار، هاڙهي ڪيم هن باهہ کان

(املهہ اٽتوريا، ڇاپو پيو، 1988ع، سر ديسي، ص103)

ساڳيو بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون سائين رخمان گل پالاري ۽ رياض بلوچ ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ هن ريت ڏنيون آهن.

ٿانگو رَوَان يَار، الله ڪَارڻ اِنگو بِيا،
شُمَئي ٿِيَان پُشتَگان، هلندا ٿيو هيڪار،
توبهہ ٽُرت تيار، هاڙهي ڪيم هن باهہ کان

ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد ڏهون، شمارو پهريون، سال جون 2011ع، ص-59)

معنيٰ: ٿانگورَوَان = ڪيڏانهن وڃن ٿا، اِنگوبيا = هيڏانهن اچو، شمئي ٿيان پُشتگان = اوهانجي پويان هلان.

مٿين بيت ۾ بلوچي لفظن جي لکائيءَ ۾ عالمن ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي پر پوءِ بہ ڪي اوٽايون رهجي ويون آهن، جيئن لفظ ”ٿانگو رَوان“ جي معنيٰ سائين رخمان گل پالاري صاحب ”ڪيڏانهن وڃن ٿا“ لکي آهي جڏهن تہ ”ٿانگو رَوان“ جي معنيٰ ڪيڏانهن وڃان (واحد) ٿيندي ۽ ”انگوبيا“ جي معنيٰ آهي هيڏانهن اچ (واحد) بيهندي، هن کان علاوه پالاري صاحب ”ڇماٿياخشتگان“ کي ”شمئي ٿيان پُشتگان“ لکي ان جي معنيٰ ”اوهانجي پويان هلان“ لکي آهي، جيڪا سراسر غلط آهي. مان پڙهندڙن جي سولائيءَ لاءِ بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون هيٺ تحرير ڪريان ٿو.

ٿَانگو رَوَان يَار، الله ڪَارڻ اِنگو بِيّا،
ڇَمَا ٿيّان خُشتگان، هلندا ٿيو هيڪار،
توبهہ ٽُرت تيار، هاڙهي ڪيم هن باهہ کان.

معنيٰ: ٿَانگو رَوَان يَار = ڪيڏانهن وڃان دوست، اِنگو بيّا =هيڏانهن اچ، ڇَمَا ٿيّا خُشتگان = تنهنجي اکڙين ماري ڇڏيو

**بيت_5**

دُرهَا دُرهَا ڪَنِ، فَازَا فتحَ سيڙَ وٺَا،
بي غَرضَا بَلوچَا، رس نہ رَهَايو تَنِ،

سَسُئِي لاءِ سيڻِن، ڇيرُون ٿِيندي ڇَپَرين .

(ٻانهون خان شيخ ، شاهه جو رسالو ، جلد ٻيو ،ڇاپو پهريون ، سال 2001ع سُرديسي، داستان تيرهون، ص _215)

**معني:** دُرها دُرها=ڇڱو ڀلا، شاباش، واهه واهه، خوش مرحبا، فازا=پوئتي، موٽي اهو ساڳيو بيت املهه اٽتوريا ڪتاب ۾ هن ريت ڏنل آهي.

درها درها ڪن، فازا ڏير فتح وريا،

بي غرضا بلوچ هئا، رس نه رهايو تن ،

سسئي لئه سيڻن ، ڇيڙو ٿيندي ڇپرين،

( ڪتاب املهه اٽتوريا، ڇاپو ٻيو 1988ع ، ص 103)

سائين رخمان گل پالاري ۽ رياض بلوچ اهو ساڳيو بيت ۽ لفظن جو معنائون ڪلاچي جرنل ۾ هن ريت ڏنيون آهن.

دُرهَا دُرهَا ڪن ، فازا فتح سيڻ ويا،

بي غرضا بلوچ هئا، رَس نه رهايو تن ،

سسئي لئه سيڻن ، ڇيرون ٿيندي ڇپرين.

(ڪلاچي تحقيقي جرنل ، جلد ڏهون ، شمارو پهريون ، سال جون 2011ع ، ص47)

**معني:** دُرها دُرها = خوش جوڙ، خوش ڪيڪار، فازا = اُٿ ، اُٿو ( جمع )

**سمجهاڻي:**ڏير (سسئيءَ جا) خوش ڪيڪار ڪري ڪامياب ٿي موٽيا. (اُنهن جو مقصد هو پنهونءَ کي پاڻ سان ڪيچ ڏانهن کڻي وڃڻ. تنهن ۾ڪامياب ٿيا) بلوچ ( پنهونءَ جا ڀائر) بي غرضا هئا تن محبت نه نڀائي، سسئيءَ پنهنجي ساهرن لاءِ جبلن ۾ رُلڻ قبول ڪيو آهي."

جيئن ته مون مقالي جي ابتدا ۾ ئي وضاحت ڪئي ته لفظ "فازا" ۽ " فذا" ٻه الڳ الڳ لفظ آهن ۽ انهن جي معني به جداجدا آهي. لفظ "فازا" معني اُٿ، اُٿي جڏهن ته لفظ "فذا" معني پوئتي / موٽي، اهڙا ڪوڙ سارا ٻيا به لفظ آهن. جيئن ٻانهين خان شيخ لفظ "فازا" غلط لکيو آهي جڏهن ته ان جي معني پوئتي/ موٽي بلڪل درست لکي آهي ۽ پالاري صاحب لفظ "فازا" ۽ ان جي معني اُٿ / اُٿو لکي آهي. پالاري صاحب جو لکيل لفظ ۽ معني ٻئي صحيح آهن پر هتي لفظ "فذا" ۽ ان جي معني "پوئتي/موٽي" استعمال ٿيندي. جڏهن ته هن بيت جي سمجهاڻيءَ ۾ پالاري صاحب پاڻ لکيو ته "(ڏير سسئيءَ جا) خوش ڪيڪار ڪري ڪامياب ٿي موٽيا." دراصل انهيءَ موٽڻ کي اسان جي ٻوليءَ ۾ "فذا " چوندا آهن. تعجب جهڙي ڳالهه آهي ته اسان جا عالم لفظ معني کي رد ڪرڻ ۾ ته جلدي ڪندا آهن پر پنهنجي ڏنل معني کي سمجهاڻيءَ ۾ استعمال ڪري نٿا سگهن.

مان هيٺ بيت جي درست پڙهڻيءَ معنائون ڏيان ٿو، وڌيڪ پڙهندڙ پاڻ پروڙين.

دُرهـا دُرهـا ڪـن، ڦَـڏَا فَـتَـح سـيـڻ ويـا،
بـيُ غـرضـا بـلـوچ هـئـا، رَس نـہ رهـايـو تـن ،
سسُئي لئہ سيڻن ، چيرون ٽيـنـدي چـپـريـن ،

معنيٰ: دُرهَا دُرهَا = خوش جوڙ/ خوش ڪيڪار، ڦَڏا = پوئتي / موٽڻ

هيءُ هينيون بيت بلوچي لفظن جي معنائن سميت ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هن ريت ڏنل آهي.

**بيت _ 6**

شَـمَـا بُـرَوَا زِيـرِ ڪَـنِـي ، سَـجَـڻ لَـڳِ خُـدَا،
چَشِمَا تي ڪُش مَرَان ، تيري نيڻين ڪِئا گهاءَ ،
آئون ڪِيئَن، مِٽيَان ساءَ، سيڻِن ڪان سَيَد چئي،

( ٻانهون خان شيخ، شاهہ جو رسالو ، جلد ٻيو ، ڇاپو ٻهريون، 2011ع سُر ديسي ، داستان تيرهون، ص _ 220)

معنيٰ: شَما = اوهان، بَرواَ = وڃو، زيرڪَني = هن کي وٺي اچو، چشما = محبوب جي اکين، ڪُش = ڪسجي / قتل ٿي، مَران= ساهہ يا دَم ڏيان

اهو ساڳيو بيت املهہ اٽتوريا ڪتاب ۾ هن ريت لکيل آهي.

شـمـابـرداگـنـي، سـجـڻ لڳـي خـداءُ،
چشـمـا تـي ڪُش مـران ، نـيـڻـن تـيـرا گـهـاءُ،
سيڻن مُران ساءُ ، آن ڪيئن مٿيان سيّد چـئـي

(ڪتاب اَملهہ اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع سر ديسي ، ص 105)

ساڳيو ئي بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون سائين پالاري صاحب ۽ رياض بلوچ ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ هن ريت ڏنيون آهن

شـمـا بُـرَوَي زِيـرِڪَـنـي ، سَـجـڻِ لَـڳ خُـدا،
چَشِما تِئي ڪُش مِرَان ، تيري نيڻن ڪيا گهاءُ،
آئون ڪِيئَن مَتِيان ساءُ ، سيڻن ڪان سيّد چئي،

معنيٰ: شما = توهان / اوهان، بُروي = وڃو / هَلو، زِيرڪَني = گڏڪٹو/ گڏ هلو، چشما تِئي ڪُش مِرَان= تنهنجي اکين (حُسن) مونکي ڪُهي ڇڏيو_ماري ڇڏيو.

سمجهاڻي:(سسئي پنهنجي ساهيڙين کي منٿون پئي ڪري تہ) الله جي واسطي اوهين وڃو پنهونءَ کي وٺي اچو (ڇوتہ پنهونءَجي) اکين (حُسن) مونکي جڻ تہ ڪُهي ڇڏيو آهي (پنهون جي)نيڻن منهنجي دل ۾ وڍ وجهي ڇڏيا آهن. سيّد چئي سو آئون اهڙن سپاجهن سيڻن کي ڪيئن وساريان.

(ڪلاچي تحقيقي جرنل ، جلد ڏهون شمارو پهريون، سال جون 2011ع ، ص 58)

مٿي ڄاڻايل بيت جي پهرئين سٽ جي شروع وري اڌ سٽ سڄي بلوچي ٻوليءَ جي آهي. ٻيءَ سٽ جو شروع وارو اڌ حصو پڻ بلوچي ٻوليءَ جو آهي. شيخ صاحب ”شما بُرَوَا زِيرِ ڪَنِي “ جي معني ” اوهان وڃو هن ڪي وٺي اچو “ لکي آهي. سائين رخمان گل پالاري صاحب وري ”زير ڪني“ جي معني گڏ ڪٺو / گڏ هلو لکي آهي. هيٺ مان انهيءَ بيت ڪي سنواري سُڌريل پڙهڻي لفظي معني ۽ سمجهاڻي ڏيان ٿو .

شَـوَا بُـرَوَي زِيـرِ يـتـي، سَـڄـڻ لـڳ خُـدا،
چَشِمَا تَئِيّ ڪُشتا مَران، تيري نيڻن ڪيا گهاءُ،
آئون ڪِيئَن مَتِيان ساءُ ، سيڻن ڪان سّيد چئي،

**معني:** شَوَا بُرَوِي زيريتي = رات جو وڃي ڪٺوس، چشما تَئِيّ ڪُشتا مَرَان = تنهنجي اکڙين مونکي ڪُهي ڇڏيو .

**سمجهاڻي:** پنهونءَ جي ڀائرن جڏهن پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ شروع ڪئي ته ان وقت سندن مان ڪنهن صلاح ڏيندي چيو ته ” شَوَا بُروي زيريتي “ يعني رات جو وڃي ڪٺوس، جيئن ته مٿين بيتن ۾ اسان پڙهي آيا آهيون ته انهيءَ صلح تي پنهون جي ڀائرن عمل به ڪيو ۽ پنهونءَ ڪي وٺي هي رات جو ئي واپس موٽيا ۽ سسئي سُتي پئي هئي.

هيءَ بيت ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت ڏنل آهي واضح ڪندو هلان ته هيءَ بيت ٻانهين خان شيخ ۽ املهه اڏتوريا ڪتاب ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به رسالي ۾ ڏنل ناهي .

**بيت _ 7**

بُـرو ڪَشِـي بَـر ، چَـڙهَـئَـا، نِـدِ نَـئُـون نِـيـئِـي،
بـاري اُئَ بَـلـوچَ سـيـن، مـهـري مِـڙيـئـي،
ڏُڪـيءَڪـي ڏيـئـي ،وِئَـا ڏاڍيـن ڏونـگـريـن

**معني:** بُرو = هلو، ڪشي = چئي

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع سُر ديسي، داستان تيرهون ، ص220)

اهو ساڳيون بيت ڪتاب املهه اڏتوريا ۾ هن ريت ڏنل آهي.

بـرو گـتـي بـر چـڙهـيـا ، نـدّ نـئـون نـيـئـي،
بـاري اُٿ بـلـوچ جـا ، مـهـري مـڙيـئـي،

( املهه اڏتوريا ، ڇاپو ٻيو، 1988ع ص 104)

ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ سائين رخمان گل پالاري ۽ رياض بلوچ پنهنجي طرفان لکيل مقالي ۾ هيءَ بيت ۾ بلوچي لفظن جو معنائون هن ريت ڏنيون آهن،

بُـرو ڪَشِـي بَـرِ چَـڙهَـيـا، نـنـڊون نَـئـي،

باري اُٺَ بَلوچَ سين،مهري مِڙيئي،
ڏکي کي ڏيئي، ويا ڏاڍين ڏونگرين،

(ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد ڏهون، شمارو پهريون، سال جون 2011ع ص 48)

**معنيٰ:** بُروڪُشِي = ( اصطلاح) پاڻ کي ڪڍو، هلو نڪري وڃو، ننڌُون = ويهندي/ويني،نئي = نہ ايندو/ايندي

مان هيٺ انهيءَ بيت کي سنواري بلوچي لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.

بُرو ڪَشّي بَر، چَڙِهَئا ، نِنڌُون نِئيّ ،
باري اُٺَ بَلوچَ سين، مهري مڙيئي ،
ڏُڪيءَ کي ڏيئي، ويا ڏاڍين ڏونگرين

**معنيٰ:** بُرو ڪَشي بَر = وڃي ڪڍي وڃيس، چَڙِهئا = (اُٺَ) تي چڙهي ڪري، نِنڌُون نِئي = ويٺي نہ ايندو / ويهندي ڪجهہ ڪين وَرندو

”بُرو ڪَشي بَر“ بلوچي ٻوليءَ جو جملو آهي، جنهن جي معنيٰ سائين پالاري اصطلاح جي حوالي سان ”وڃو نِڪرو“ پاڻکي ڪڍو ، لکي آهي جڏهن تہ هيءُ جملو اسان وٽ اڄ تائين عام استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”وڃي ڪڍي وڃيس“ هتي اسان بيت جي منظر نگاري سامهون رکي صحيح معنيٰ ڪڍي سگهون ٿا.

پنهونءَ جي ڀائرن پنهونءَ کي منٿون پئي ڪيون تہ واپس موٽي هل پر پنهونءَ انڪار ڪيو ۽ پنهونءَ جي ڀائرن مان ڪنهن چيو تہ ”بُرو ڪَشي بَر ، چَڙِهَئا “ معنيٰ وڃي ڪڍي ويس (اُٺ) تي چڙهي ڪري، ”نِنڌُون نِيئَيّ “معنيٰ ويٺي نہ ايندو .

**بيت_8**

گِندَا گُشي ، پَاڻَ ۾، ڪَنِ گِرُهَ بَاتِ ،
اِهَا وَائي وَاتِ ، عَيش ڪِلُون بِرهہ بُرُون

( ٻانهون خان شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٻيو ، ڇاپو پهريون سال 2001ع ، سُر ديسي داستان تيرهون ، ص _ 218 ۽ 219)

**معنيٰ:** گِنَدا گُشي = ڏسو ، هو چون ٿا، هو ڳالهائين ٿا، گِرهہ = اڻ وڻندڙ ڏک يارنج پهچائيندڙ ڪِلُون= ڇڏيون، برهَہ = ڀاءُ يعني پنهونءَ، بُرون =ڪٺو، عيش = يعني هن سسئيءَ کي.

هيءُ بيت ۽ هن بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون سائين پالاري صاحب ۽ رياض بلوچ ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ هيٺينءَ ريت ڏنيون آهن.

گِندانَ گُشِي پاڻ ۾ ، ڪن ڪِرهَ بات،
اها ٻولي وات ، اَيش ڪِلُون بُرين بَرُون

**معنيٰ:** ايش ڪِلون = هن کي ڇڏيون (سسئيءَ کي)، بُرين بَرُون = هلو تہ هلُون

( ڪلاچي تحقيقي جرنل ، جلد ڏهون ، شمارو پهريون سال جون 2011ع ص 64_65ع)

واضح ڪندو هلان ته هيءُ بيت ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به رسالي ۾ آيل ڪونهي، ٻين بيتن جيان هن بيت سان به ساڳيو حشر ٿيو آهي. شيخ صاحب لفظ "برهه" لکي ان جي معنيٰ پاءُ يعني پنهون لکي آهي ، سائين پالاري صاحب " هلو ته هلُون " لکي آهي، جيڪا سراسر غلط آهي ، بلوچي ٻولي ۾ " ٻُرون "معنيٰ " وڃڻ / ڪٽڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. هتي شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ بلڪل صحيح آهي پر شيخ صاحب لفظ " بِرهَ "غلط لکيو آهي. هتي لفظ " براث "استعمال ٿيندو،

بيت جي درست پڙهڻي ۽ معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي،

گِندا گُشي پاڻ ۾ ، ڪن گِرهه بات
اها وائي وات ، عيشي ڪِلُون براث بَرون

**معنيٰ:** گِندان گُشي = هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي چوڻ عِيشي= هن کي ( سسئيءَ کي) ، ڪِلُون = ڇڏيون، براث =پاءُ ( پنهونءَ )، ٻَرون _ ڪٽي هلون روئي هلون.

شاهه سائينءَ جي ڪجهه بيتن ۾ڪتب آيل بلوچي لفظن جي پڙهڻين ۽ معنائن جي سلسلي ۾ مون پنهنجيءَ سمجهه آذار گذارشون ڪيون آهن، اميد ته هن مقالي کي رُڳو علمي بحث ئي سمجهيو ويندو.

## مددي ڪتاب


1. مرزا،ممتاز ،جديد صورتخطي : گنج _ شاهه جو رسالو ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه ، حيدرآباد 1995ع
2. ٽرمپ ، ارنيسٽ ڊاڪٽر، شاهه جو رسالو ، ڇاپو ٽيون ، 2008ع ، ثقافت ۽ سياحت کاتو ، حڪومت سنڌ .
3. بيگ، مرزا قليچ، شاهه جو رسالو، 1951ع محمد يوسف برادرس ، بُڪ سيلر حيدرآباد سنڌ
4. شيخ، ٻانهون خان، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٻيون 2009ع جلد ٻيو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،ڪراچي يونيورسٽي
5. بلوچ، نبي بخش خان ، ڊاڪٽر ، شاهه جو رسالو، ڇاپو پهريون 2009ع ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.
6. پالاري ، رخمان گل ، سُرديسيءَ ۾ بلوچي ٻولي، تحقيقي جرنل ڪلاچي ، جلد چوڏهون، شمارو پهريون ، سال جون 2011ع شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي .
7. ڪتاب اَملهه اٽتوريا، سُرديسي، ڇاپو ٻيون سال 1988ع .